SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1984

سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SIND AGRICULTURE UNIVERISTY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ V مجريه 1977 جي دفعه 36 ۾ ترميم

Amendment of Section 36 of Sind Act of 1977

3. سنڌ ايڪٽ V مجريه 1977 جي دفعه 45 ۾ ترميم

Amendment of Section 45 of Sind Act of 1977

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1984
SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1984
سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984
THE SIND AGRICULTURE UNIVERISTY (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي، ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۾ ڪجهہ ترميمن ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

ان ڪري هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ Vمجريه 1977 جي دفعه 36 ۾ ترميم
Amendment of Section 36 of Sind Act of 1977

2. سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ 1977 ڪي، جنهن کي بعد ۾ به ايڪٽ سڏيو ويندو. هن جي دفعه 36 جي ذيلي دفعه (2) ۾ ايندڙ فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن لکيو ويندو ۽ ان کانپوءِ بعد ۾ هيٺين شرطيه بيان کي شامل ڪيو ويندو.

نظرثاني يا اپيل جو ڪو حڪم تيستائين نه ڏنو ويندو جيستائين درخواست گذار کي ٻڌڻ جو موقعو نه ملي.

سنڌ ايڪٽ V مجريه 1977 جي دفعه 45 ۾ ترميم
Amendment of Section 45 of Sind Act of 1977

3. هن ايڪٽ جي دفعه 45 ۾ "لفظن ۾ ڪيل" ۽ "تحت" جي وچ وارن لفظن "سڀني نيت سان" جو اضافو ڪيو ويندو.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.